SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سندھ آرڈیننس نمبر II مجریہ 1999

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1999

# سندھ ایگریکلچرل انکم ٹیکس (ترمیم) آرڈیننس، 1999

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

## فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short title and commencement
2. 1994 جي سندھ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994
3. 1994 جي سندھ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXII of 1994
4. 1994 جي سندھ ايڪٽ XXII جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1999

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1999

# سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1999

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

[28 جنوري 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1999 سڏيو ويندو.

(2) هي خريف 1996 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

Short title and commencement

2. سنڌ ايگريڪلچرل ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾، جنهن کي ان کانپوءِ "ڄاڻايل ايڪٽ" سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994

(i) شق (b) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

(bb) "پوکي هيٺ آيل ايراضي" مطلب زمين جي ڪا ايراضي جيڪا ٽيڪس واري سال ۾ هڪ دفعو پوکي وئي هجي، بشمول پڪل باغيچي جون شيون، باغبانيءَ سان لاڳاپيل شيون ۽ پان جا پن، جن ۾ جهنگلي يا باغباني سان لاڳاپايل ٻوٽا نہ هجن؛

(bbb) "پڌرنامو" مطلب بيان ڪيل طريقي موجب سموري پوکي ڪيل ايراضي جو پڌرنامو، جنهن ۾ اهڙا تفصيل ۽ اهڙو استيٽمينٽ، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا ڪاغذ شامل هجن، ۽ اهڙيءَ ريت تصديق ٿيل هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛"؛

(ii) شق (i) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(i) "ٽيڪس سال" مطلب زرعي سال جيئن سنڌ ليينڈ ريونيو ايڪٽ، 1967 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

3. "ٽيڪس لڳائڻ" (1) اهڙن مالڪن ڪان ڪا بہ ٽيڪس نہ اوڳاڙي ويندي جن وٽ سموري ٻارنهن ايڪڙ يا ٻئراج جي ايراضي ۾ ان کان گهٽ زمين هجي ۽ چوويهہ ايڪڙ يا ٻئراج

Sindh Act XXII of 1994

کان سواءِ ايراضي ۾ ان کان گهٽ ايراضي هجي:

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ۾ ڪجهہ بہ باغيچن ۽ باغن تي لاڳو نہ ٿيندو.

(2) جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ٽيڪس زمين جي مالڪ کان، هيٺ ڄاڻايل اگهن تي پوکي ڪيل ايراضي بنيادن تي اوڳاڙي ويندي:

| | |
|---|---|
| ڪپهہ | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪمند | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪڻڪ | 40 رپيا في ايڪڙ |
| چانور | 30 رپيا في ايڪڙ |
| پکل باغ/باغيچا | 300 رپيا في ايڪڙ |
| ٻيا سمورا فصل | 40 رپيا في ايڪڙ |

بشرطيڪ بئراج کانسواءِ ايراضي ۾ مٿي ڄاڻايل اگهن جي اڌ تي اگهہ هوندا.

وضاحت: جيڪڏهن ڪو مالڪ ساڳي زمين تي ساڳئي پوکي جي مند دوران هڪ کان وڌيڪ فصل پوکي ٿو تہ ان کان فصل جي بنيادن تي اوڳاڙي ڪئي ويندي. جيڪا ٻنهي فصلن جي اندازي لڳائڻ ۾ وڌيڪ هجي.

(3) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (2) جي گنجائشن جي متضاد نہ هجي، ٽيڪس پهرين آگسٽ، 1999 کان صافي آمدنيءَ جي بنياد تي اوڳاڙي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 6_A جي ترميم

4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 6_A لاءِ هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

Amendment of

"6_A: ناڪاميءَ تي ڏنڊ: جيڪڏهن ڪو زمين جو مالڪ

section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

**ڪنهن مناسب سبب ڪانسواءِ، وقت اندر سيڪشن 5 مطابق ڊڪلرئيشن ڏيڻ ۾ ناڪام ويجي ٿو تہ ڪليڪٽر هن تي ڏنڊ هڻي سگهي ٿو جيڪو في روز هڪ سئو روپيا هوندو، جنهن روز کان هو ناڪام ويو آهي.**

**(6_B، نوٽيس تي عمل نہ ڪرڻ تي ڏنڊ)** جتي ڪو مالڪ، بنا جوڳي سبب جي، دفعہ 6 تحت جاري ڪيل ڪنهن نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ڪليڪٽر مٿس ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو آباد ڪيل سموري زمين تي اوڳاڙي لائق ٽيڪس کان وڌيڪ نہ هوندو:

**(6_C، پوکي ڪيل زمين لڪائڻ تي ڏنڊ)** جتي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڪارروائي جي صورت ۾، ڪليڪٽر، اپيليٽ يا پرووِيزنل اٿارٽي مطمئن آهي تہ ڪنهن مالڪ، ساڳي ڪارروائي يا ان کان اڳ ڪنهن ڪارروائي ۾ پنهنجي پوک ڪيل ايراضي لڪائي آهي يا اهڙي ايراضي يا زمين جا غلط انگ اکر ڏنا اٿائين، اهو اهڙي مالڪ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو ادائي دفعا وڌيڪ هوندو، پر ڪنهن بہ صورت ۾ لاڳو ٽيندڙ ٽيڪس کان گهٽ نہ هوندو.

(6_D، ٻڌڻي جي نوٽيس کان پوءِ ڏنڊ مڙهڻ) (1) ڪو بہ ڏنڊ هن ايڪٽ تحت ڪنهن مالڪ تي نہ مڙهيو ويندو، جيستائين ان کي ٻڌڻ جو جوڳو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

(2) اهڙو ڏنڊ اهڙي مالڪ طرفان حاصل ڪيل ڪنهن ٻي ملڪيت تي لاڳو نہ ٽيندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**